EUROPEAN UNION

# فصل ساريون

زرعي پئداوار وڌائڻ متعلق سنهري سفارشون

(1) **زمين جي تياري** : ٽن کان چار سڪيءَ جا هر ڏئي، زمين جي سنوت ليزر مشين يا ڪيڙ سان ڪرڻ گھرجي.

(2) **زمين جا قسم**: ڪلراٺي، لٽاسي چيڪي، وارياسي وغيره. پتر ۽ ٻنا پٽجي زمين کي نرم ڪجي.

(3) **ٻج جو انتخاب** : ٻج خالص، نج ۽ صحتمند هجڻ گھرجي جيڪو گورنمينٽ کان تصديق شده ٻورين ۾ هوندو آهي. 10-15 ڪلو ٻج هڪ ايڪڙ لاءِ ڪافي آهي.



(4) **ٻجن جون جنسون** : ايري 6، ايري 8، شاندار، شاهڪار، ڊي.آر 83، ڪنول 95، شاداب، خوشبو ڊي.آر 76، ڊي.آر 92، سڳداسي، باسمتي، سدا **حيات ۽ هائبرڊ** وغيره وغيره.

**ٻيجارو پوکڻ لاءِ ٻاريون**: 33x33 فوٽن جون بهتر نموني سان تيار ڪجي، ان ۾ چيٽي، توتڙ، ٻھ يا پلال کي رکي ساڙجي ۽ پاڻي ڏئي ٻج ڇٽجي ته جيئن ٻيجارو پٽڻ ۾ پاڙ کي نقصان نه ٿئي. ٻيجاري ۾ صرف يوريا ياڻ استعمال ڪجي.

(5) **پاڻي جو استعمال** : زمين ۾ رونبي جي 3-4 ڏينهن اڳ پاڻي ڏجي، زمين جي مٿاڇري تي ڏيڍ کان ٻه انچ پاڻي هميشہ بيٺل رهي. زرعي تحقيق مطابق 15 مئي کان رونبا شروع ڪري ڏجن، ستن کان ڏهن ڏينهن بعد ٻوٽن جي چڪاس ڪرڻ گھرجي ته مَرائِي سائي آهي يا مرجهايل، سارين ۾ تازو پاڻي ڏيندو رهجي ته جيئن بيٺل گرم پاڻي نيڪال ٿيندو رهي. هر مَرائِيءَ 3-4 تيلا هجن، جنهن طريقي سان ايڪڙ ۾ 95 هزار کان هڪ لک تائين ٻوٽا رونبو ٿي ويندا. صحتمند ٻيجارو هڪ مهيني اندر تيار ٿي ويندو آهي ۽ هائبرڊ جنسون 20 ڏينهن ۾ تيار ٿي وينديون آهن. وڌيڪ آبپاشي سان پئداوار گھٽ لهندي.

(6) **ڪيميائي ياڻ جو استعمال** : هڪ ٻوري DAP زمين جي تياري وقت يا ٻه ٻوريون نائٽروفاس (ٻه ٻوريون سنگل سپر فاسفيٽ ۽ هڪ ٻوري پوٽاش ڏيڻ سان فصل جي پئداوار بهتر ٿيندي) پوکائي جي هڪ مهيني بعد 1 ٻوري يوريا، ڊِڍِي جي وقت هڪ ٻوري يوريا سفارش ڪجي ٿي.



(7) **جيتن ۽ بيمارين کان روڪ ٿام** : فصل ۾ نيساري کان اڳ Stem borer ها پر ٽرپس جو حملو ٿيندو آهي. ان لاءِ داڻيدار دوائون، پاڊان، فيوراڊان، مونومي هائپو، ڇٽجن يا ڪراٽي، ايمياميڪٽرن 250 cc في ايڪڙ اسپري ڪجي. سارين جو ڇوٽيون پوريون ناسي ٿين ته زنڪ سلفيٽ جو استعمال ڪجي.

(8) **وقتائتو لابارو ڪري**، ٻار ناهجي، سٽ ڪٽ ٻه هڪ طريقو آهي. ڳاهه ڏاندن وسيلي يا ٿريشر سان ڪجي.

(9) مارڪيٽ ۾ موڪلڻ: اناج کي وڪرو ڪرڻ گڏيل سڏيل حڪمت عمليءَ تحت اناج وڪرو ڪجي ته اناج جو ملھ سٺو ملندو.

(10) **اناج ذخيرو ڪرڻ**: اناج کي ذخيرو ڪرڻ لاءِ جديد طريقا استعمال ڪرڻ گھرجن ته جيئن اناج کي جيت وغيره نه لڳي سگھي.

RSPN

## سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

SRSO